# الله

## جي نعمتن جي قدر ڪري

**08-August-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# الله جي نعمتن جي قدر ڪريو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِاڪرم، نورِ مجسم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرودِ پاڪ موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا سمورا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن. (مُسْنَدُ اَبِي يعْلي،٩٥/٣،حديث:٢٩٥١)

ڪعبے کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروڑوں دُرود طیبہ کے
شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهسته آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندس،نه بيان ريڪارڊ ڪندس نه ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو ته ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهه ٻُڌندس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب!        صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اڄ جي بيان جو موضوع آهي" **الله جي نعمتن جي قدر ڪريو**" اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو هن دنيا ۾ الله پاڪ جون ڏنل ڪوڙ نعمتون استعمال ڪندو آهي، ڪيتريون نعمتون استعمال ڪندو آهي هن جو ڪو به شمار نٿو ڪري سگهي بلڪ هڪ لمحي ۾ اسان تي ان ڪريم جون ڪيتري قدر نعمتون ۽ ڪرم نوازي آهي، ڪو به ان جي ڪامل سڃاڻپ نٿو رکي پر جنهن کي الله پاڪ خود جيتري پهچان عطا ڪري، حقيقت ته هي آهي جو اسان کي جن نعمتن جو جيترو شعور آهي اسان انهن نعمتن جي به صحيح طور قدر ڪرڻ واريون ناهيون. ۽ انهن نعمتن تي ان خالق ۽ مالڪ جو شڪر ڪرڻ واريون ته شايد تمام گهٽ آهن- شايد اهو ئي سبب آهي جو هڪ نعمت به جيڪڏهن هلي وڃي ته بعض اوقات شڪوه شڪايت ۽ ٻين نعمتن جي ناقدري جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، اسان کي پنهنجي سوچ کي ڪيئن رکڻ گهرجي ۽ ڪهڙي طرح صبر ۽ شڪر جو سلسلو جاري رکڻ گهرجي، اڄ اسان هن باري ۾ مدني گل ٻڌنديون سين- الله ڪري جو تمام بيان سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت ملي وڃي- اٰمِين بِجَاه النَّبِي

الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اچو پهريان هڪ حڪايت ٻڌون ٿيون:

## ٻارهن سُوارن جو قافلو

حضرت سَيِدُنا امام اَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي هڪ بُزرگ اهو واقعو ٻڌايو ته مان اولياءِ ڪرام جي تلاش ۾ رهندو هئس ۽ انهن جي قيام گاهن کي ڳولڻ لاءِ ريگستانن، جبلن ۽ جنگلن ۾ ڦرندو هئس ته جيئن انهن جي صحبت کان فيض ياب ٿي سگهان- هڪ ڀيري انهيءَ مقصد (Purpose) جي لاءِ مصر ڏانهن روانو ٿيس، جڏهن مان مصر جي ويجهو پهتس ته هڪ ويران هنڌ ۾ خيمو ڏٺو، جنهن ۾ هڪ اهڙو شخص موجود هو، جنهن جا هٿ، پير ۽ اکيون (جُذّام(ڪوڙهه) جي) بيماري سبب ضايع ٿي چڪيو هيون- هن حالت ۾ به اهو شخص هنن لفظن سان پنهنجي رب جي حمد ۽ ثنا ڪري رهيو هو ته اي منهنجا پَرَوَرۡدگار! مان تنهنجي اها حمد (ساراهه) ڪيان ٿو جيڪا سموري مخلوق جي حمد جي برابر هجي- اي منهنجا پَرَوَرۡدگار! بيشڪ تُون سڀني مخلوق جو خالق (بنائڻ وارو) آهين ۽ تُون سڀني تي فضيلت رکين ٿو، مان ان انعام تي تنهنجي حمد ڪيان ٿو ته تو مون کي مخلوق ۾ ڪيئي ماڻهن کان افضل بڻايو-

هو بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته جڏهن مون ان شخص جي اها حالت ڏٺي ته مون چيو: خدا جو قسم! مان هن شخص کان اهو ضرور پڇندس ته ڇا حمد جا اهي پاڪيزه جملا توکي سيکاريا ويا آهن يا توکي اِلهام ٿيا آهن؟ پوءِ انهيءَ ارادي سان مان ان وٽ ويس ۽ ان کي سلام ڪيو، ان منهنجي سلام جو جواب ڏنو- مون چيو: اي نيڪ انسان! مان تو سان هڪ شيءِ جي باري ۾ سوال ڪرڻ چاهيان ٿو، ڇا توهان مون کي جواب ڏيندؤ؟ هو چوڻ لڳو: جيڪڏهن مون کي خبر هوندي ته اِنۡ شَآءَالله ضرور جواب ڏيندس- مون چيو: (توهان جا هٿ، پير ۽ اکيون وغيره سڀ ضايع ٿي چڪا آهن پوءِ) اها ڪهڙي نعمت آهي جنهن تي توهان الله جي حمد ڪري رهيا آهيو ۽ اها ڪهڙي فضيلت آهي جنهن تي توهان ان جو شڪر ڪري رهيا آهيو؟ هو شخص چوڻ لڳو: ڇا تون نٿو ڏسين ته منهنجي ربّ مون سان ڪهڙو مُعاملو فرمايو؟ مون چيو: چو نه، مان سڀ ڏسي چڪو آهيان- پوءِ هو چوڻ لڳو: ڏسو! جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ها ته مون تي آسمان تان باهه وسائي ها جيڪا مون کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏي ها، جيڪڏهن هو پَرَوَرۡدگار چاهي ها ته جبلن کي حڪم ڏي ها ۽

هو مون کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏين ها، جيڪڏهن الله چاهي ها ته سمنڊ کي حڪم فرمائي ها اهو مون کي غرق ڪري ڇڏي ها، جيڪڏهن الله چاهي ها ته زمين کي حڪم ڪري ها ته اها مون کي پنهنجي اندر دٻائي ڇڏي ها- پر ڏسو، الله پاڪ مون کي انهن تمام مصيبتن کان محفوظ رکيو، پوءِ مان پنهنجي رَبّ جو شڪر ادا ڇو نه ڪيان؟ ان جي حمد ڇو نه ڪيان؟ ۽ ان پاڪ پَرْوَرْدگار سان مَحَبَّت ڇو نه ڪيان؟ (عيون الحکايات،ص۹۴ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نعمت ڇو کسجي ويندي آهي؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جيڪا ايمان افروز حڪايت بيان ٿي ان مان اهو درس به حاصل ٿيو ته جيڪڏهن ڪڏهن الله پاڪ پنهنجي ڪا نعمت اسان کان واپس وٺي، تڏهن به ان جون اسان تي نعمتون ايتريون وڌيڪ هونديون آهن جو اسان انهن تي ان ڪريم رب جو شڪر ادا نٿا ڪري سگهون- ان ڪري جيڪڏهن ڪا نعمت اسان کان جدا ٿي وڃي ته اسان کي ان جدا ٿيڻ واري نعمت تي نظر رکڻ ۽ ان جو غم ملهائڻ بدران باقي جيڪي نعمتون ان اسان کي عطا ڪيون آهن ان تي نظر رکندي ان جو شڪر ئي ادا ڪرڻ گهرجي- تقدير ۾ ڇا لکيل آهي ان کي ڪير نٿو ڄاڻي پر ان ۾ شڪ ناهي ته ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو ڪا نعمت جيڪا الله پاڪ اسان کي عطا ڪئي هوندي آهي اها اسان جي زحمت جو سبب بڻجڻ واري هوندي آهي جو ايتري ۾ اهو ربّ ڪريم اسان تي رحم فرمائيندي ان کي واپس وٺي لاهيندو آهي، ٻڌايو! هن ۾ ته اسان جو فائدو ئي ٿيو جو اها نعمت جيڪا عنقريب اسان جي لاءِ پريشاني جو سبب (Reason) بڻجڻ واري هئي ان رحيم ۽ ڪريم رب اسان جي چوڻ بنا ان کي اسان کان هن طرح واپس ورتو جو اسان کي ڪنهن به پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پيو- هاڻي ان تي ته ان مهربان ۽ عظيم رب جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، نه اهو جو ان کان شڪوه ڪرڻ گهرجي- جيئن الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائيندو آهي.

وَعَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ خَیْرٌ لَّكُمْۚ

وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْؕ وَاللّٰهُ یَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ۠(۲۱۶)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ عين ممڪن آهي جو ڪا ڳالھ اوهان ناپسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ بلي هجي ۽ عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالھ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نہ ٿا ڄاڻو.

هن آيت سڳوري جي تحت صراط الجنان ۾ آهي تہ اوهان ڪي طبعي طور تي ڪا شيءِ ناپسند هئڻ هن ڳالھ جي علامت ناهي تہ اها شيءِ ناپسنديده ۽ نقصان واري آهي جيئن ڪوڙي دوا، انجيڪشن ۽ آپريشن طبعي طور تي ناپسند هوندا آهن پر نقصان وارا ناهن هوندا بلڪ نهايت فائدي مند آهن. ائين ئي ڪنهن شيءِ جو اوهان ڪي پسند هئڻ هن ڳالھ جي دليل ناهي تہ اها سٺي ۽ مفيد آهي. ٻار ڪي پڙهائي جي جڳھ هر وقت ڪيڏڻ پسند هوندو آهي، شوگر جي مريض ڪي مٺائي پسند هجي تہ ان جو هي مطلب ناهي تہ هي شيون ان جي لاءِ مفيد بہ آهن بلڪ نقصان واريون آهن. لهذا سٺي يا بري هئڻ جو دارومدار پنهنجي سوچ تي نہ رکو بلڪ الله ڪريم جي حڪم تي رکو. الله ڪريم جنهن شيءِ جو حڪم ڏنو اها بهرحال اسان جي لاءِ بهتر آهي ۽ جنهن ڪان منع فرمايو اها بهرحال اسان جي لاءِ بهتر ناهي. (صراط الجنان ، پ۲،البقرة،تحت الاية:۲۱۶، ۱/۳۳۱)

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اهڙي طرح ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪنهن نعمت جي کسجڻ يا ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ ۾ ڪا ٻي حڪمت لڪيل هوندي آهي، لهٰذا اسان ڪي گهرجي تہ هر حال ۾ صبر جو دامن پڪڙي رکون ۽ شڪوه ۽ شڪايت جي بدران شڪر سان پنهنجي زبان تَر رکون- هن باري ۾، قنديلِ نوراني، غوثِ صمداني، محبوبِ سبحاني، شهبازِ لامڪاني، عالمِ رباني حضرت سَيدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٽن سببن جي ڪري انسان مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي-

هڪ سبب اهو آهي جو ڪڏهن انسان گناهن جي سزا جي ڪري مصيبتن ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي-

جيڪا مصيبت گناهن جي سزا جي لاءِ هوندي ان جي نشاني اها آهي تہ

انسان صبر بدران مخلوق جي اڳيان شڪوه شڪايت ڪندو-

ٻيو سبب اهو آهي تہ ڪڏهن گناهن ڪي مٽائڻ ۽ ان جي مير ڪان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪفاري جي طور تي انسان مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي-

جيڪا مصيبت گناهن ۽ ڏوهن جي لاءِ ڪفاري جي طور تي هوندي ان جي نشاني اها آهي تہ ان ۾ انسان ٻين جي اڳيان شڪوه شڪايت جي بدران صبر جميل سان ڪم وٺندو، ديني احڪامن جي اطاعت ۽ ادائيگي ۾ ٽال مٽول سان بچندو-

ٽيون سبب اهو آهي تہ ڪڏهن درجات جي بلندي، معرفت ۽ قربِ الٰهي جي اعليٰ رتبن تائين پهچائڻ جي لاءِ انسان مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي-

جيڪا مصيبت درجات جي بلندي ۽ حصولِ قرب و معرفتِ الٰهي جي اعليٰ مراتب تي پهچڻ جي لاءِ هجي ان جي نشاني اها آهي تہ رضاءِ الٰهي سان هڪجهڙائي نظر ايندي ۽ نفس کي اللہ پاڪ جي ذڪر ۾ اطمينان ۽ سڪون نصيب ٿيندو- (قلائدالجواهر بهامشه فتوح الغيب، ص٨٨،٨٧ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نعمتون ئي نعمتون!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن ۾ شڪ ناهي تہ اللہ پاڪ جون نعمتون بي انتهاء آهن، ان جي ڏنل نعمتن جو ڪوئي حساب نہ آهي، جيڪڏهن ڪو ان جي نعمتن کي ڳڻڻ شروع ڪري تہ ان ۾ شڪ ناهي تہ زندگي تہ ختم ٿي ويندي پر نعمتن جو تعداد ختم نہ ٿيندو، اڄ جي هن ترقي يافتہ دور ۾ جڏهن سائنس پنهنجي عروج (Climax) تي آهي، ڪائنات جا ڪيئي راز سائنس جي ڪري ظاهر ٿي رهيا آهن، هر ڏينهن نيون ايجادات ۽ تحقيقات ٿي رهيون آهن، جديد ترين آلات جي مدد سان لکين، ڪروڙين، اربين، کربين بلڪ بي شمار شين جو حساب ۽ ڪتاب لڳائي سگهجي ٿو، پر اڄ تائين ڪا اهڙي مشين ايجاد ناهي ٿي جيڪا اللہ پاڪ جي نعمتن جو شمار ڪري سگهي، يقيناً ان ڪريم رب جون نعمتون بي حساب آهن، انهن کي نہ ئي ڪو شمار ڪري سگهيو آهي نہ ئي ڪو شمار ڪري سگهندو- پاڻ اللہ پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ پنهنجي نعمتن بابت ارشاد فرمايو آهي:

وَ اِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ لَا تُحۡصُوۡهَا ؕ

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ جيڪڏهن الله جون نِعمتُون ڳڻيو ته اُنهن جو شُمار ڪري نه سگهندؤ ۔

(پ۱۴،نحل،۱۸)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ته اسان جون زندگيون ختم ٿي سگهن ٿيون پر وڏي ڪوشش جي باوجود اسان الله پاڪ جي نعمتن جو شمار نٿيون ڪري سگهون، جيڪڏهن اسان مان هر هڪ پنهنجي پاڻ ڪي ملندڙ نعمتن جو جائزو وٺي ته اندازو ٿيندو ته اسان ڪي اللّٰه پاڪ ڪيتريون نعمتون عطا ڪيون آهن-

## ڪاڌي ۾ استعمال ٿيل نعمتون

ٿورو غور ڪريو! اسان جيڪو ڪاڌو ڪائون ٿيون، هن ڪاڌي ۾ اسان جي لاءِ ڪيتريون نعمتون لڪيل آهن، سڀ ڪان پهريان اهو غور ڪريو هڪ ٻج جيڪو زمين جي اندر پوکيو ويندو آهي، اللّٰه پاڪ ان کي ڪڍي ٿو، ۽ اسان جي ڪاڌي لائق بڻائي ٿو، پوءِ ان ٻج کي پيسڻ جي لاءِ انسان کي دماغ جي نعمت ڏني جو ان هڪ اهڙي مشين ٺاهي جيڪا ڪجهه منٽن ۾ ڪيترا ئي مڻ داڻا پيسي اٽو ٺاهي وٺندي آهي. پوءِ جڏهن اهي ٻج پيسجي اٽو بڻجي وڃن ته ان کي ڳوهڻ جي لاءِ پاڻي جي نعمت عطا فرمائي، پوءِ ان ڳوهيل اٽي کي پچائڻ جي لاءِ باهہ جي نعمت عطا فرمائي، پوءِ جڏهن اها پچي وڃي ۽ ماني جي صورت ۾ اسان جي اڳيان اچي ته ان کي عزت ۽ تعظيم سان ڪائڻ جي لاءِ اسان کي هٿن جي نعمت عطا فرمائي، اسان هٿن سان ان ڪاڌي کي ڪٽي پنهنجي وات جي ويجهو ڪيون ٿيون، وات جي مٿي نڪ جي صورت ۾ ڪاڌي جي خوشبودار يا بدبودار هئڻ جي جانچ جي لاءِ هڪ نعمت عطا ڪئي آهي، پوءِ ڪاڌي جو گرهہ اسان پنهنجي وات ۾ وجهون ٿيون، هاڻي سوچيو ڪيتريون ساريون نعمتون ان جي لاءِ استعمال ٿين ٿيون، هن ڪاڌي کي چٻائڻ جي لاءِ اللّٰه پاڪ اسان کي ڏندن جي نعمت عطا فرمائي آهي، جيڪڏهن ڪاڌي ۾ ڪا اهڙي شيءِ جيڪا ڪائڻ لائق نه هجي، جيئن ڪا پٿري، هڏي وغيره ته ڏندن سان ٽڪرائيندي ئي خبر پئجي ويندي آهي ته هي اسان کي ناهي ڪائڻو، اسان ان کي ڪڍي ڇڏينديون آهيون، پوءِ جيڪڏهن اها شيءِ نرم هجي جيئن وار، ڌاڳو وغيره ته زبان جي نعمت اسان کي ٻڌائيندي آهي ته اهو اسان کي ناهي ڪائڻو ۽ اسان ان کي ڪڍي ڇڏينديون آهيون، پوءِ ان ڪاڌي کي معدي تائين ڪٽي

وجڻ جي لاءِ الله پاڪ اسان کي ٿُڪ (Saliva) جي نعمت عطا فرمائي آهي، وات ۾ خود بخود ٻڄڻ وارو اهو پاڻي هن کاڌي کي آندن جي ذريعي معدي تائين کڻي ويندو آهي، معدي سان گڏ الله پاڪ پتّي جي صورت هڪ نعمت عطا فرمائي آهي جتان هن کاڌي تي تيزاب جا قطرا پوندا آهن جنهن سان اهو کاڌو ڳري ويندو آهي، هاڻي هن مان لوڙيات جدا ٿيندا آهن، هن مان رت جا ڳاڙها سيل الڳ ٿيندا آهن، سفيد سيل جدا ٿيندا آهن، فائدي مند پروٽين جدا ٿيندا آهن، اَلْغَرَض! بدن جي لاءِ تمام مفيد شيون هن غذا مان خود ڪار سسٽم تحت جدا ٿينديون آهن ۽ باقي فضلي جي صورت ۾ پيٽ مان ٻاهر اچي وينديون آهن، غور ڪريو! کاڌو کائڻ کان وٺي هضم ٿيڻ تائين هر هر شيءِ هڪ نعمت آهي- هي ته اهي نعمتون آهن جيڪي صرف کاڌي جي لاءِ استعمال ٿين ٿيون ان جي علاوه نعمتن جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي جنهن کان اسان ڏينهن رات فائدو کڻنديون آهيون-

## هڪ نعمت جو به شڪر ادا ڪرڻ ممڪن ناهي

جيڪڏهن اسان انهن مان هڪ به نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ چاهيون ته اسان جي زندگي ختم ٿي ويندي پر نعمت جو شڪر ختم نه ٿيندو، ان ڪري اسان کي هر حال ۾ الله ڪريم جي نعمتن جي قدر ڪندي مَولا ڪريم جو شڪر ادا ڪندو رهڻ گهرجي- ياد رکو! جيڪڏهن انسان سڄي عمر گناهن کان بچندو رهي ۽ سڄي عمر نيڪين ۾ گذاري ڇڏي تڏهن به اهي تمام عبادتون ربّ ڪريم جي ڏنل صرف هڪ نعمت جو صلو (Reward) نٿيون بڻجي سگهن، اچو! هن باري ۾ هڪ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿيون:

حضرتِ سيدُنا واثلہ بن اسقع رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ هڪ ٻانهي کي زنده فرمائيندو جنهن جي اعمال نامي ۾ ڪو گناهہ نه هوندو- الله ڪريم ان کي فرمائيندو: توکي ٻنهي ڳالهين مان ڇا پسند آهي جو توکي تنهنجي عملن جو بدلو ڏيان يا پنهنجي احسان ۽ فضل سان بدلو ڏيان؟ ٻانهو چوندو: مَولا! توکي خبر آهي ته مون ڪڏهن تنهنجي نافرماني ناهي ڪئي- الله ڪريم فرمائيندو: ”منهنجي ٻانهي کي منهنجي نعمتن مان ڪنهن هڪ جي بدلي پڪڙي وٺو-“ هاڻي ان وٽ ڪا نيڪي باقي نه رهندي، تمام نيڪيون هڪ

نعمت گھيري وئندي- ٻانھو چوندو: "مولا! پنھنجي رحمت ۽ فضل سان بدلو عطا فرما-" ربّ ڪريم فرمائيندو: "منھنجي رحمت ۽ منھنجي فضل (سان بدلو ملندو)-" ايتري ۾ ھڪ ٻئي شخص کي آندو ويندو جنھن جي اعمال نامي ۾ ڪو گناھ نہ ھوندو- الله پاڪ فرمائيندو: ڇا تون منھنجي ولين کان دوستي رکندو ھئين؟ ھو چوندو: مان تہ ماڻھن کان پري رھندو ھئس- الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: ڇا تون منھنجي دشمنن کان دشمني رکندو ھئين؟ ٻانھو چوندو: "مولا! منھنجي ڪنھن سان ڪا دشمني نہ ھئي-" الله پاڪ فرمائيندو: جيڪو منھنجي اوليا کان دوستي ۽ منھنجي دشمنن کان دشمني نہ رکندو ھو منھنجي رحمت کان محروم آھي- (معجم کبیر،۲۲/ ۵۹،حدیث:۱۴۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ھن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ سڄي زندگي جيڪڏھن انسان گناھن کان بچندو رھي، ۽ سڄي زندگي صرف ۽ صرف عبادت ۽ نيڪين ۾ ئي گذاري ڇڏي تڏھن بہ اھي تمام عبادتون الله ڪريم جي ڏنل ھڪ ئي نعمت جو شڪريو نٿيون بڻجي سگھن، جڏھن تہ ان رب جون ڏنل نعمتون تہ بي عدد ۽ بي حساب آھن، تنھنڪري عقل مندي اھا ئي آھي تہ ھميشہ الله ڪريم جي ذڪر ۽ شڪر ۾ زبان کي مشغول رکڻ گھرجي ۽ ان کان عافيت جي دعا ڪرڻ گھرجي-

## مصيبت ۾ بہ نعمت آھي

(1) حضرت سيدُنا عبدالعزيز بن ابي رواد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ ھڪ ڀيري مون حضرت سيدُنا محمد بن واسع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ھٿ تي ھِڪ وڏي ڦرڙي ڏسي گھڻو پريشان ٿيس، پاڻ منھنجي چھري تي پريشاني جا آثار ڏسي فرمايائون: ڇا توھان کي خبر آھي تہ ھن ڦرڙي جي ڪري مون تي ڪيترو وڏو انعام ٿيو؟ منھنجي خاموش رھڻ تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: (شڪر آھي تہ) الله پاڪ ان کي منھنجي اک جي سياھي، منھنجي زبان ۽ منھنجي پوشيده عضوئن تي ناھي ڪڍيو بلڪ (منھنجي ھٿ تي ڪڍي) ان کي مون تي ھلڪو ڪري ڇڏيو آھي- (حلیۃالاولیاء وطبقات الاصفیاء، ۲/۳۹۹)

## شڪر جو عظيم مثال

(2) حضرتِ سيدُنا وَهب بن مُنَبِّه رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جو هڪ اهڙي شخص وٽان گذر ٿيو جيڪو نابين (Blind) هئڻ سان گڏوگڏ برص ۽ جذام (ڪوڙهه جي مرض) ۾ مبتلا هو ۽ چئي رهيو هو: الله پاڪ جي نعمتن تي ان جو شڪر آهي، سيدُنا وهب رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه سان گڏ هڪ شخص هو، اهو چوڻ لڳو: هاڻي الله پاڪ جي ڪهڙي نعمت تو وٽ رهجي وئي آهي جنهن تي تُون شُڪر ادا ڪري رهيو آهين؟ نابين مريض چيائين: شهر وارن ڏانهن نهاريو ته انهن جو تعداد ڪيترو زياده آهي ۽ انهن مان منهنجي سوا ڪو به ربّ ڪريم کي نٿو سڃاڻي، ڇا مان پوءِ به ان جو شڪر ادا نه ڪيان؟ (حلية الاولياء وطبقاتِ الاصفياء، ۷۱/۴)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نعمت آزمائش به آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غور ته ڪريو ته نابين ٿيڻ، برص جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ ڪوڙهه جهڙي بيماري جو اچڻ ۽ پوءِ به رب جو شڪر ادا ڪرڻ شڪر جو ڪيترو اعليٰ مقام آهي- هن سان ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جا بزرگ سڳورا الله پاڪ جي ڏنل نعمتن جا حقيقي قدر دان هئا، اي ڪاش ته اسان کي به نعمتن جو قدر نصيب ٿي وڃي- ياد رکو! نعمتن جي قدر ڪندي انهن تي شڪر ادا ڪرڻ ئي حقيقي عقلمندي آهي، جيڪڏهن نعمت ماڻهي به ان جي ناشڪري ڪئي وڃي ته اها نعمت زحمت جو سبب به بڻجي سگهي ٿي، جيئن مشهور تابعي حضرت سَيدُنا ڪعبُ الۡاَحۡبار رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ دُنيا ۾ ڪنهن ٻانهي تي اِنعام ڪري پوءِ اهو الله پاڪ جي لاءِ ان نعمت جو شڪر اَدا ڪري ۽ ان نعمت جي ڪري الله پاڪ جي لاءِ عاجزي ڪري ته الله پاڪ ان کي دنيا ۾ ان نعمت سان نَفعو ڏيندو آهي ۽ جنت ۾ ان جو درجو به بُلند فرمائيندو آهي ۽ جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي نعمت تي شڪر اَدا نه ڪري ۽ نه ئي عاجزي ڪري ته الله پاڪ ان ٻانهي کان ان نعمت جو دنياوي نفعو به روڪي ڇڏيندو آهي ۽ ان جي لاءِ جهنّم جو هڪ طبقو کولي ڇڏيندو آهي، هاڻي الله پاڪ چاهي ان کي عذاب ڏي ۽ چاهي ته معاف ڪري- (حلية الاولياء وطبقات الاصفياء، ۴۲/۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نعمتن جو شڪر ڪيئن ادا ڪريون؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان نعمتن جي قدر ڪرڻ جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيون سين، افسوس ته هڪ تعداد ڪي ته اهو به ناهي معلوم ته الله پاڪ جي ڏنل نعمت تي ان جو شڪر ادا ڪيئن ڪريون، ڪي اسلامي ڀينرون نعمتن تي زباني ڪلامي هيئن چوندي ٻڌيون ويون آهن، ادي الله پاڪ جو ڏنل سڀ ڪجھ آهي، ڪرم آهي مالڪ جو، ان جو شڪر آهي سڀ ڪجھ عطا ڪيائين، اهو به غنيمت آهي جڏهن ته بعض علم کان پري ۽ ناسمجھ نعمتن کي ته مَعَاذَ الله گناهن ۾ استعمال ڪري رهيون هونديون آهن ۽ ڳڏوگڏ شڪر وارا جملا به چئي رهيون هونديون آهن- ياد رکو! نعمت جو حقيقي شڪر اهو ئي آهي ته ان نعمت تي زبان سان به شڪر ادا ڪيو وڃي ۽ ان نعمت کي نيڪيون ڪرڻ جي لاءِ به استعمال ڪيو وڃي- حضرت سيدُنا ابو عبدالله رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته حضرت سيدُنا سُفيان بن عُيينَه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايائون: ابوعبدالله! نعمت تي شڪرِخداوندي اهو آهي ته تون ان جي حمد (ساراهہ) ڪرين ۽ ان نعمت کان نيڪي تي مدد حاصل ڪرين- جنهن نعمتِ الٰهي کان گُناهہ تي مدد ورتي ان الله پاڪ جو ان جي نعمت تي شڪر ادا نه ڪيو- (حلية الاولياء وطبقات الاصفياء، ٣٢٨/٧) جڏهن ته جسماني عضوئن جو شڪر ڪيئن ادا ٿيندو آهي، اچو ٻڌون ٿيون:

## جسماني عضوئن جو شڪر ڇا آهي؟

هڪ شخص حضرت سيدُنا ابُو حازِم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيائين: اي ابُو حازِم! اکين جو شڪر ڇا آهي؟" ارشاد فرمايائون: "انهن جي ذريعي ڪا چڱي ڳالھ ڏسو ته ان کي عام ڪيو ۽ جيڪڏهن بُري ڳالھ ڏسو ته ان کي لڪايو-

افسوس! اسان جو هڪ تعداد آهي جن جون اکيون چڱا ڪم ۽ چڱيون ڳالهيون ڏسڻ کان گهٽيون پري رهنديون آهن جڏهن ته برا ڪم بريون ڳالهيون ڏسڻ جي جستجو ۾ رهنديون آهن-

عرض ڪيائين: ”ڪنن جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن انهن جي ذريعي چڱي ڳالهه ٻڌو تہ ان کي ياد ڪيو ۽ جيڪڏهن بُري ڳالهه ٻڌو تہ پوشيده رکو-“

افسوس! اسان جو هڪ تعداد آهي جن جا ڪن علمِ دين، نيڪي جي دعوت ۽ وعظ و نصيحت تي مشتمل سنيون ڳالهيون ٻڌڻ جا موقعا ملڻ کان بہ فائدو نٿا کڻن، جڏهن تہ بريون ڳالهيون ٻڌڻ جي تلاش ۾ رهندا آهن ۽ جڏهن ٻڌي ورتيون تہ بہ چار کي ٻڌائڻ بنا چين سان ناهن رهندا-

عرض ڪيائين: هٿن جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”انهن سان اهڙي شيء (مثال حرام مال وغيره) حاصل نہ ڪيو جيڪا تنهنجي لاءِ جائز ناهي ۽ ان ۾ جيڪو اللّٰه پاڪ جو حق آهي (جيئن تہ واجب صدقا وغيره) ان کي نہ روڪيو-

عرض ڪيائين: پيٽ جو شڪر ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”پيٽ جو شڪر هي آهي تہ ان جي هيٺين حصي ۾ کاڌو هجي جڏهن تہ مٿيون حصو علم سان ڀريل هجي-

افسوس! هڪ تعداد آهي جو جن کي اهو فڪر هوندو آهي تہ پيٽ کاڌي کان ڀرجي وڃي، علم بہ ان ۾ اچي اهو ضروري نہ آهي-

عرض ڪيائين: ”شرمگاهہ جو شڪر ڇا آهي؟“ جواب ۾ پاڻ (سيپاري 18 سُورة مومنون ) جون هي آيتون تلاوت ڪيون:

وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ﴿۶﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ﴿۷﴾

تَرْجَمَۂ ڪنز الايمان: ۽ اُهي جيڪي پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪندا آهن. مگر پنهنجين زالن يا شرعي ٻانهين تي جيڪي اُنهن جي هٿ ملڪيت آهن (اُنهن سان) اُنهن تي ڪا ملامت نہ آهي. پوءِ جيڪو اُنهن ٻن ڪانسواءِ ڪُجھ ٻيو گُهري تہ اُهي حد کان لنگهندڙ آهن.

عرض ڪيائين: پيرن جو شڪر ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن توهان ڪنهن اهڙي زندهہ کي ڏسو جنهن تي توهان کي رشڪ اچي تہ انهن پيرن سان ان شخص جهڙو عمل ڪيو (يعني نيڪ عمل ڪيو) ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي مڙدي کي ڏسو جنهن کان توهان بيزار هجو تہ انهن پيرن کي ان شخص جهڙي عمل کان روڪي ونو (يعني برائي ڏانهن قدم نہ وڌايو)-

اهو سڀ بيان ڪرڻ کان بعد حضرت سَيِدُنا ابو حازم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائڻ لڳا: هن طرح توهان الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ وارا بڻجي ويندو ۽ جنهن صرف زباني شڪر ڪيو باقي عضون سان نہ ڪيو تہ ان جو مثال ان شخص جهڙو آهي جنهن وٽ هڪ ڪپڙو هجي ۽ اهو ان جو هڪ ڪنارو پڪڙي وٺي پر پائي نہ اهو ان کي گرمي، سردي، برف ۽ برسات کان بچڻ جو فائده نہ ڏيندو- (حلية الاولياء، ۲۷۹/۳، رقم:۳۹۶۳)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! حضرت سَيِدُنا ابو حازم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نصيحتن تي اسان کي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ الله پاڪ جي ڏنل هر نعمت تي شڪر ڪندو رهڻ گهرجي ۽ ان نعمت کي نيڪ ڪم ۾ ئي استعمال ڪرڻ گهرجي-

## آزادي جي نعمت جو شُڪر ڪيئن ادا ڪريون؟

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه اسان جو هي آزاد وطنِ عزيز بہ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي ۽ عنقريب يومِ آزادي (Independence Day) يعني ”14اگست“ بہ اچڻ وارو آهي، افسوس تہ خوشي جي هن عظيم موقعي تي الله پاڪ جي عظيم نعمت ”آزادي“ جو شڪرادا ڪرڻ جي بدران اهڙا غيرشرعي وغيرقانوني معاملات ڪيا ويندا آهن، جيڪي ڪنهن کان لڪيل نہ آهن- ياد رکو! جشنِ آزادي جي نالي تي ڳائڻ وڄائڻ يقيناً الله پاڪ جي نعمت جيڪا اسان کي وطنِ عزيز جي صُورت ۾ حاصل ٿي ان جي ناقدري ڪرڻ آهي- جيڪڏهن اسان کي ان موقعي تي خوشي جو اظهار ڪرڻو ئي آهي تہ اهڙن طريقن سان ڪيون جنهن ۾ الله جي رِضا شَامل هجي مثال طور،

## نفل ادا ڪيو

الله پاڪ جي رِضا ۽ هن نعمت (يعني وطنِ عزيز جي ملڻ) جو شڪر ڪرڻ جي نيت سان نفل ادا ڪيو- سُبْحَانَ الله! نفل پڙهڻ جي به ڪيتري پياري فضيلت آهي:

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون:" جيڪو شخص وضو ڪري ۽ چڱي طرح وُضو ڪري ۽ ظاهر ۽ باطن سان گڏ متوجهه ٿي به (2) رڪعت پڙهي، ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي- (مسلم، ڪتاب الطهارة، باب الذکر۔۔۔، ص١١٨، حديث:٥٥٣)

۽ پوءِ ائين دعا به ڪريو تہ يا رب! تو اسان کي آزاد ملڪ جي صورت ۾ جيڪا نعمت عطا فرمائي آهي اسان کي ان جو قدر ڪرڻ جي توفيق عطا فرما، هن ملڪ ۾ تنهنجا ئي احڪام ۽ تنهنجي رضا وارا ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرما ۽ هر ان ڪم کان بچڻ جي توفيق عطا فرما جنهن سان تون ۽ تنهنجا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناراض ٿيندا هجن-

اميرِ اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي مدني سوچ ۽ سندن "وطنِ عزيز ملڪ پاڪستان" سان سچي محبت تي پاڻ مختلف موقعن تي مدني مذاڪرن ۾ "يومِ آزادي" جي نعمت تي جيڪي مُفيد مَدَني گل عَطا فرمايا آهن، اچو اهي به ٻڌون ٿيون تہ جيئن اسان به الله پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نافرماني کان بچندي، يومِ آزادي جي نعمت تي شڪر ادا ڪريون- پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه اِرشاد فرمائن ٿا: هڪ تمام وڏو تعداد جيڪو جَشنِ آزادي غلط طريقي سان ملهائي ٿو خُوب شور شرابو ڪندو مستيون ڪندي نظر ايندو آهي، الله پاڪ ڪري مُسلمان انهن خُرافات کان بچي مدني چينل ڏسي جَشنِ آزادي ملهائن تہ اِنْ شَآءَ الله اهو وَقت به ايندو جو اسان جهنّم کان آزادي جو جَشن ملهائينداسين. ها! هي جهنّم کان آزادي جو جَشن حياتي ۾ نٿو ٿي سگهي (پوءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جشن آزادي تي خُرافات ۾ پوڻ وارن کي بچڻ جو ذهن ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا) چا عجب جن گناهن جو پر پور پروگرامِ بڻائي رکيو آهي اهي گناهن جو وَقْت شروع ٿيڻ کان پهريان ئي موت کي لَبَّيڪ چئي ڇڏين ۽ انهن کي موت اچي

وجي، ڪاش گناهہ ڪندي اسان کي اهو احساس ٿئي تہ منهنجو رب مون کي ڏسي رهيو آهي منهنجو رب ناراض ٿي ويندو مان ڪٿي پنهنجي آخرت خراب نہ ڪري ڇڏيان، اي منهنجا هم وطنو! جيڪڏهن گناهہ جا سلسلا اوهان سوچي رکيا آهن مهرباني ڪري باز اچي وڃو، توبہ ڪري وٺو ائين نہ ٿئي جو گناهہ ڪندي ڪندي اوهان ماڻهن کي موت اچي ۽ اسان ماڻهن کي بہ خبر پئجي وڃي، پوءِ اسان عبرت جي طور تي اوهان جو بيان ڪيون بلڪ جيڪو گُناهہ جو پڪو اراد ڪري ڪري ۽ هاڻي توبہ ڪري وٺي ان جي لاءِ بہ فضيلت آهي-
(مدني مذاڪرے جي مدني پهول)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ قرباني جون ڪلون جمع ڪرڻ واري جي لاءِ ڪجهہ نيتون ۽ احتياطون بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سانَ محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو حضرت علامہ مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي "101 مدني گل" مان سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿيون.

❖ مسلمان(محرمن) سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي- ❖ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد 3 صفحي 469 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: "سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهي آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجهہ منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿي" ❖ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود محرمن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ❖ سلام ۾

اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ واري الله عَزَّوَجَلَّ جي مُقرّب آهي ❖ جيڪو سلام ۾ اڳرائي ڪري اهو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي- (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786) ❖ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون- (جامع الصغير للسيوطي،الحديث 487 ص 36) ❖ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله بہ چئو تہ 20 نيڪيون ٿي ويندي ون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪريو تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون- ڪي ماڻهو سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ بہ وڌائيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي، ❖ سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو جنهن اسلامي ڀيڻ ڪيو اها ٻڌي وٺي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَاللهُ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع هوندو: "شانِ عثمانِ غني" ذوالحجة الحرام جو مهينو اسان جي وچ ۾ پنهنجون رحمتون ۽ برڪتون لٽائي رهيو آهي، هن مهيني جي 18 تاريخ جو ٽئين خليفي اَميرُالمؤمنين حَضرتِ عثمانِ غني رَضِىَ اللهُ عَنْه جو يومِ شهادت آهي،

انهيءَ مناسبت سان سندن سيرت ۽ ڪردار بابت ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين، ان سان گڏ ٻيا به ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين- لهٰذا! **آئنده اربع به اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين ڪي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي چئو: اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد